# پارن لاء بائبل
# تحفو

## پهريون ايسٽر



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Lyn Doerksen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڻاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2020 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

عورت گوڙڳلاڙي ۾
جبل تي بيٺل هئي، هن
جون اکيون خوفناڪ
منظر ڏسي رهيو
هئيون. هن جو پٽ
مري رهيو هو. هيءِ
پاڪ ماء حضرت
مريم هئي ۽ انهين جڳا
تي هوئي جتي هن
جو پٽ ڪوڪن
سان صليب تي
ٽنگيل هو.





اهو سڀ ڪجهه ڇوٿيو؟
يسُوع پنهنجي زندگي کي اهڙي
خوفنڪ طريقي سان ڇو ڏني؟
۽ خدا ڇوته پنهنجي
پُٽ کي صليب تي
ڪوڪن سان
ٽنگڻ جي اجازت
ڇو ڏيندو؟ ڇاء يُسوع
ڪو غلطي ڪئي ته
هو ڪير آهي؟ ڇا خُدا
ناڪام ٿئي ويو هو؟



نه، خدا ناڪام نه ٿيو هو.
يُسوع کو به غلطي ڪون
ڪئي هئي. يُسوع هميشه
چاڻيندو هو ته هن کي بچڙا
ماڻهوئي ماريندا. هسي تائن
ته يُسوع اجا پارڙوئي هو ته
هڪ پوڙهي ماڻھو شمعون
ماء مريم کي ٻڌايو هو ته
تهنجي جان به تلوارسان
گهائي ويندي.



يُسوع جي مرڻ کان ڪجهه
ڏينهن اڳ هڪ عورت آئي
۽ هن قيمتي عطر هن جي
پيرن تي هاريو. شاگردن شڪايت
ڪئي ته هوء پئسا ضايع ڪري رهي
آهي. هن سٺو ڪم ڪيوآهي. يسُوع چيو، هن موهنجي
دفن ڪرڻ جي تياري ڪئي آهي ڪيڏا عجيب لفظ آهن.

هن کان پوءِ يهوداه، جيڪا
ٻارهن شاگردن مان هڪ
هو غداري ڪئي ۽ يسوع
کي چاندي جي ٽيهي سڪن
جي عوض سردار ڪاهن
جي هوا لئي ڪري ڇڏيو.





۽ يهودين جي عيد فصح جي ڏينهن،
يسوع پنهنجي شاگردن سان گڏ آخري
کاڌوکاڌئين. هن کين خدا جي عجيب
ڳلهيون ۽ وعده ٻڌايا جن سان هومحبت
رکي ٿو. پوء عيسي ماني ۽ پيالو ورتو
۽ انهن ۾ ورايو ۽ اهوهن ڳالهه جي
يادگاري هي ته يسوع جو جسم ۽ رت
گناهن جي بخشش
لاء وهايو ويو آهي .

تڏهين يسوع پنهنجي دوستن کي ٻڌايو ته هن سان دوکوٺيندوءِ سپئي هن کي ڇڏي ويندا. مان نه ڇڏيندس، پطرس زور پريو. پر يسوع چيو ته ڪوڪڙ جي ٻانگهه ڏيڻ کان اڳ تون ٽي دفعا منهجو انڪارڪري ڇڏيندي.





ان كان پوء انهي رات
يسُوع گيتسمني جي باغ
۾ دعا گهرڻ لاء ويو ۽
سندس سپئي شاگرد ننب
۾ پئجي ويا.يسوع دعا
كئي، اي بابا!
جيكڏهن تون چاهين ته
هي پيالو مون تان ثاري
چڏ. تنهن هوندي به
منهنجي نه، پر تنهنجي
مرضي پوري ٿئي'."

اوچتو هڪڙو وڏو ٽولو
يهودي سان گڏ باغ ۾ آيو.
يسوع مخالفت نه ڪئي، پر
پطرس هڪ سپاهي کي
تلوار جو ڌڪ هڻي ڪن
ڪپي ڇڏيو. خاموشيءَ
سان، يسُوع انهيءَ جي
ڪن کي هٿ لائي ڇٽائي
شفا ڏني. يسوع چاهيندو هو
ته سندس گرفتاري خدا جي
منصوبي جو حصو آهي.



هي ٽولو يسوع کي سردار ڪاهن جي گهرڪٽي ويا. اتي يهودي اڳواڻ چوڻ لڳا ته يسوع کي صليب ڏيو.ويجهوئي پطرس بيٺو هوانهن جي نوڪرن سان گڏ مچ پي سيڪين ۽ ڏسي رهيو هو.



ماڻهن ٿي پيرا پطرس کي غور سان ڏسڻ تي چيو تہ "تون به
يسوع سان گڏ هئين. پطرس ٽي دفعا انڪار ڪيو. جئين ته
يُسوع فرمايو هو ان کان
علاوه پطرس ته لعنت به
ڪئي ۽ قسم به ڪاڏهين.



# ڪڪڙون ڪڙون



اُنهين ئي وقت ڪڪڙ بانگه
دني. اهو پطرس ڏانهن خدا
جي آواز وانگر هو. يسوع
جا لفظ ياد ڪندي، پطرس
زار زار روئي پيو.



يهوده ڪي به ڏاڍو افسوس ٿيو. هو ڄاڻيندو
هو ته يسوع، بلڪل بيگناهه آهئي. ۽ هن
ڪو به جرم نهي ڪيو. يهوده
چاندي جا ٽيهه سڪا، سردار
ڪاهن ڏانهن موٽڻ چاهياء،
پر هن واپس نه ورتا.



يهودا هن سڪن کي اُڇلائي
ڇڏيو ۽ ٻاهر نڪري ويو. ۽
پاڻ کي ڦاهي ڏئي ڇڏيائين.



ڪاهن يسوع کي پلاطوس سمون آندو
جيڪا، رومي گورنر هو. پلاطوس
چيوته "مان هن شخص ۾ ڪوبه ڏوهه
ناهي ڏٺو،". پر هجوم تيئن
زور ڏيندي چيو ته هن
کي صليب تي چاڙهيوس،
صليب تي چاڙهيوس.

آخرڪار، پطلاطوس انهن جي ڳله مڃي ويو ۽ يسوع مسيح کي صليب تي موت جي سزاجو حڪم ڏنو. سپاهي يسوع کي چڪيو ڪيٽي ويا، هن جي منهن تي ٿڪيو ۽ ڪيس ڪوڙا هيان. ۽ ظالمن ڪنڍهن جو تاج ٺاهي هن جي مٿي تي زو سان دٻائي رکيو. پوء انهن ڪيس مرڻ لاء صليب تي ڪوڪن سان مڙهي چڏيو.





يسوع هميشه کان ڇاڙيندو هو، ته هواهين مرندو. هو ڇاڙيندو هو ته هو گنهگارن جي گناه جي بخشش جي لاء، پنهنجي زندگي ڏيندو. ۽ انهن جي خاطرجيڪي انهي تي پهنجوپروسورکن ٿا.
يسوع سان گڏ ٻه ڌوهارين کي ٻه صليب ڏني وئي. هڪڙي يسوع تي ايمان آندو ۽ آسمان ڏانهن ويو. جڏهن ته ٻئي ايمان نه آندو.

ڪلاڪن جي اذئيت کان پوءِ،
يسوع چيوته تمام ٿيو ۽ مري
ويو. هن جو ڪم مڪمل ٿي
چڪو هو. شاگرد ڪيس
نئين قبر ۾ دفن ڪيو.



پوءِ رومي سپاهين قبر
کي مُهر ڪري ڇڏي ۽
ان جي حفاظت ڪرڻ
لڳا. ته ڪو به اندر يا
ٻاهر نه وڃي
سگهي.



جيڪڏهين اهاء ڪهاڻي
جو خاتمو آهي. ته
هي ڪيڏي افسوسناڪ
آهي پر خدا ڪجھ ڏايو
تعجب جيڙوڪيو
يسوع مئل ئي
نه رهيو.



هفتي جي پهرين ڏينهن، صبح
سويريسوع جي ڪجهه شاگردن
کي، قبر تان پٿر لڙڪل مليو
جڏهن اهي اندر پهتا ته
ڏٺون ته يسوع هتي
ڪونهي.





هڪ عورت قبر تي بيٺي روني
پي. يسوع انهي تي ظاهر ٿيو.
هوءوڏي خوشيءِ سان شاگردن
ڏانهن موٽي ۽ ڪين ٻڌايو ته يسوع
جيئرو آهي، ته يسوع مئل مان
جيئرو ٿي چڪو آهي.



جلدئي، يسوع پنهنجي شاگردن تي به ظاهر ٿيو ۽
انهن کي پنهجي کوکن سان زخمي سوراخن وارا
هٿ ڏيکار يائين. اهو سچ آهي ته يسوع جيئرو هو.
هن پطرس کي سندس انکار لاء معاف کيو، ۽
سپني شاگردن کي چيوته هر کنهن کي ٻڌايو.
ان کان پوء هو آسمان ڏانهن واپس موٽي ويو
جتان هو پهرين کرسمس تي آيو هو.

# پهريون ايسٽر

خدا کان هڪ ڪهاڻ ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

متي 26-28، لوقا 22-24، يوحنا 13-21

"توهانجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ڏوڌئي."
زبور 119: 130

آخر

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ (عيسي) يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽
آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان (عيسى) يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان
پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ
ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خدا آهيوۅ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۅ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خدا ساڻ ڳالهايو.